1. يسرا عباسي

# تحقيقي مقالو لکڻ جو فن

# (THE ART OF WRITING RESEARCH PAPER/ THESIS)


## Abstract

Despite the many types of creative writing, research is a completely different type of work that necessitates struggle, time, consistency, and hard work for a scholar to attain it. To begin this task, it is necessary to comprehend the requirements for connecting to a research work. Recognizing that, a question arose : ‘ How to write a Thesis / Research Paper?’ This research paper gathers information that specifically targets the interest of fresh graduates who wish to pursue as a Researcher. The paper is focused to discuss the Definition, Explanation, Origin, Areas of research, Dialect, synopsis, and objectives of research proposals, along with research Methodology and other related topics.


هن مقالي لکڻ جو مقصد انهن محققن کي آگاهي فراهم ڪرڻ آهي جيڪي گريجوئيشن مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ايم-فل ڪرڻ گهرن ٿا يا بي. ايس جي آخري سيمسٽر ۾ مونوگراف لکڻ چاهين ٿا ۽ تحقيق جي طريقيڪار کان ناواقفيت سبب ڏکيائي محسوس ڪن ٿا، سندن ڪم ليٽ ٿي وڃي ٿو يا سندن ڪم ۾ ڪي اصولي نقص رهجي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ شعبي ۾ مناسب ۽ مڪمل ڪورس ورڪ تحقيق جي طريقيڪار کي سمجهڻ لاءِ ڪرايو وڃي ٿو جنهن سبب تحقيق جو شوق رکڻ وارا ڪيترائي شاگرد پنهنجي محبت، محنت ۽ جستجو سان مقرر وقت اندر پنهنجو تحقيقي ڪم مڪمل ڪن ٿا، پر ڪي وري پنهنجي بي ڌياني ۽ غفلت سبب پوئتي رهجي وڃن ٿا ۽ ڏکيائين جي ور چڙهي وڃن ٿا. هيءَ ننڍڙي ڪوشش به تحقيق جي ڪم ۾ آساني پيدا ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي آهي.

هر نئين ناتجربيڪار محقق کي تحقيق جو ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ تحقيق جي تعليم، طريقيڪار ۽ اصولن جي واقفيت هئڻ ضروري آهي. ان ضرورت کي سامهون رکندي نهايت آسان انداز ۾ هي مقالو لکيو ويو آهي ته جيئن پڙهندڙن لاءِ مفيد بڻجي سگهي. مقالي ۾ تحقيق جي هر پهلوءَ کي اختصار سان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.



In a world where innovative ways are being sought to make the research process easier and less time consuming. Here still old research methodologies are being adopted for Research, in this case, the Generalization and Application of Modern Techniques only become Mere Speculation. (Wikipedia)

تحقيق ڪندڙ کي ’محقق‘ سڏبو آهي جنهن جي معني آهي چڪاس ڪندڙ. محقق جو ڪم ثابتي سان نتيجا پيش ڪرڻ هوندو آهي تنهن ڪري ڪيس تحقيق جي فن ۽ اصولن بابت پختي ڄاڻ هجڻ گهرجي. هڪ محقق لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته تحقيق ڇئجي ڇا کي ٿو؟ تحقيق جا بنيادي مرحلا ۽ اصول ڪهڙا آهن؟ تنهن کان پوءِ ڪنهن به موضوع تي تحقيق ڪرڻ کان اڳ موضوع بابت ڪجهه بنيادي سوالن تي ويچارجي ته ڪهڙا مسئلا، گُهرجون، سوال يا تقاضائون اُن موضوع بابت باقي رهيل آهن جن ڪارڻ اسڪالر کي اهو موضوع چونڊي ان جي رهيل پاسن کي جاچڻ گهرجي. پر موضوع جو هڪ اهڙو رخ يا پهلو چونڊجي جنهن جو ڪو مقصد ضرور نڪري، ان کان پوءِ موضوع بابت مواد ڪٺو ڪجي.

تحقيق جي لغوي معني آهي ثابت ڪرڻ، جاچ ڪرڻ، دريافت ڪرڻ يا ڳولا ڪرڻ. تحقيقَ روايتن جي ڇنڊ ڇاڻ کي به چئجي ٿو. ورثي ۾ مليل علمي قدر ۽ تهذيبي ريتون رسمون به روايتن ۾ شامل هونديون آهن. روايتن کي تحقيقي اصولن جي بنياد تي جاچڻ لاءِ پرک جو اصولي ۽ منطقي طريقو لازمي جز آهن. جديد سائنسي اصول موجب تحقيق سچ دريافت ڪرڻ لاءِ سچ جي کوجنا ڪرڻ واري عمل کي چئجي ٿو. (To discover truth for truth) سچ جي ڳولا لاءِ حقيقتن جو ٺوس ۽ غير جانبدارانه تجزيو ڪيو وڃي ٿو. محقق لاءِ غير جانبدار هجڻ بي حد ضروري آهي، ذاتي پسند، ناپسند، ترجيح، مفاهمت يا خوشامد جي بنياد تي ڪيل تحقيق جٽادار ٿي نه سگهندي.

Research is a “Careful study that is done to find and report new knowledge about something.”(Britannica**)** "Research is a process of systematic inquiry that entails collection of data; documentation of critical information; and analysis and interpretation of that data /information in accordance with suitable methodologies set by specific professional fields and academic disciplines." (Hampshire, college)

**تحقيق جو بنياد:**

تحقيق جو باقاعده بنياد فرانس ملڪ مان پيو جنهن مطابق ڪنهن شيءَ يا مسئلي جي ڳولا ڪرڻ يا ڳولا ۾ وڃڻ تحقيق جو مقصد هو. تنهن کان پوءِ ان علم جي باقاعده عمل جو ثبوت يونان مان مليو اسان وٽ سنڌ ۾ لفظ تحقيق عربي زبان مان آيو جنهن جي معنيٰ آهي ثابت ڪرڻ. سنڌي ادب ۾ اُڻويهين صديءَ ۾ تحقيق جي ابتدا ٿيندي ڏسجي ٿي. طارق عزيز شيخ پنهنجي تحقيقي جائزي ۾ سنڌي ادب ۾ تحقيق جي بنياد بابت هيءَ راءِ ڏني آهي ته "سنڌ ۾ تحقيق جي شروعات انگريزن جي دور کان ملي ٿي. ٻين صنفن ۾ اڳيرو هئڻ وارو شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ پهريون محقق آهي." (شيخ،2019، 505) بدر ڌامراهو چوي ٿو ته سنڌيءَ ۾ تحقيق جو پهريون ڪتاب "عمر مارئي" آهي. سنڌ ۾ جديد تحقيق لاءِ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي کي اڳواڻ مڃي ٿو

**تحقيق جو تنقيد سان لاڳاپو:**

عام طور تي تحقيق جو لاڳاپو پاڻمرادو تنقيد سان به جڙي ويندو آهي. نقاد ۽ محقق ٻنهي لاءِ اهو به ضروري آهي ته سندس ذهن هر قسم جي مذهبي، علائقائي، ذاتي ۽ تاريخي تعصبن ۽ غلط فهمين کان پاڪ هجي نه ته محقق ۽ تنقيد نگار جو رخ غلط طرف ٿي ويندو ۽ سندس سڄو ڪم بي بنياد ٿي ويندو. (جالبي،1995، 23)

**باترتيب ۽ منظم تحقيق:**

تحقيق ڪرڻ لاءِ باترتيب ۽ منظم طريقو نهايت ضروري آهي، جنهن تحت سٺي انداز سان، خبرداريءَ سان تحقيق جو ڪم تڪميل تائين پهچائي سگهجي ٿو.

ڪنهن مسئلي جي وشواس جوڳي حل ۽ صحيح نتيجن تائين پهچڻ لاءِ تحقيق اهو عمل آهي جنهن ۾ هڪ باانتظام طريقو حقيقتن جي ڳولا ۽ انهن جي ڇنڊ ڇاڻ جو تفصيلوار بيان لکل رهي ٿو. (مٿلاڻي،2016، 23)

**تحقيق وسيلي نئون، غير رواجي، انوکو نتيجو يا حل دريافت ڪرڻ:**

انساني زندگي پنهنجي ابتدائي دور کان بتدريج ارتقا جو سفر طئي ڪندي اڄ ٿي وڃي هن مقام تائين پهتي آهي ،اهو سفر يقيناً مشاهدي، غور ويچار، سوال ۽ جوابَ حاصل ڪرڻ جي جستجو سان شروع ٿيو هوندو. ان جستجو جي نتيجي ۾ جنهن به انسان ڪا نئين، غير رواجي، انوکي شيءِ يا ڪو حل تلاش ڪيو هوندو ته اها هن جي تحقيق رهي هوندي، جنهن کي هن ڏيرج، وقت ۽ غور فڪر وسيلي هٿ ڪيو هوندو. جنهن جا نتيجا



ڪنهن هڪ لاءِ نه پر هڪَ کان وڌيڪ انسانن يا جاندارن لاءِ مفيد ثابت ٿيا هوندا. اهو تاريخي ارتقا جو سفر اسين سماجيات ۾ پڙهي چڪا آهيون، تحقيق ثابتي پيش ڪرڻ سان گڏ ان جي دائري جي ڪشادگيءَ کي به واضح ڪري ٿي.

تخليق وانگر تحقيق به رڳو موضوع جي چونڊ نه آهي، رڳو ڪنهن عنوان بابت حوالا گڏ ڪرڻ يا ان کي ڊگهو ڪري پيش ڪرڻ جو عمل نه آهي، اُن ۾ ڪو نئون نُڪتو پيدا ڪرڻ ئي اصل ڪم آهي... نئين موضوع جي چونڊ سان گڏ لغت، اسلوب، ٻولي ۽ بيان ۾ به جدت آڻڻي پوندي.اسان جي محققن کي به هاڻ نئون سوچڻ، نئون ڏسڻ ۽ نئون ڳولڻ لاءِ اوس سوچڻ کپي. تحقيق جا روايتي، هڪ جهڙا، ورجايل ۽ ٿڪل طريقا ۽ موضوع هاڻ بي رنگائي ۽ ڦِڪائي وَڌائڻ لڳا آهن. (سميجو، 2022، 10).

But, the word Research means to Re- Examine the discoveries made on new things to see the Hidden and new Aspects, to measure the previous research with the parameters of new and modern theories.

**تجسس تحقيق جو بنياد:**

انسان جي سوچ ۾ اهو لازمي جُز آهي ته هوجڏهن به ڪا نئين شيءِ ڏسي ٿو ته ان کي جاچڻ لاءِ دلچسپي وٺندو آهي، ڇاڪاڻ ته سندس اندر ۾ تجسس پيدا ٿيندو آهي ته ان اڻ ڏٺل شيءِ جي کوجنا ڪريان ۽ اهو ئي تجسس تحقيق جو بنياد آهي. (شيخ،2019، 500)

**تحقيق جو دائرو:**

تحقيق انساني زندگي سان واسطو رکندڙ سڀني شعبن مان ڪنهن به شعبي ۾ ڪري سگهجي ٿي ۽ ڪنهن به مناسب چونڊيل مضمون کي موضوع بڻائي ان جي لڪل پاسن يا ان تي اڳ ڪيل ڳولا ۾ اڻ ظاهر ٿيل حقيقتن کي ڳولي، ڪار آمد ۽ نوان نتيجا اخذ ڪري سگهجن ٿا. انساني زندگي، حيوانيات، نباتات، عمرانيات فطرت، سماج، فلسفو نوارادت، Art, Culture, Literature, Social Sciences, History، تعليم، نفسيات، سياست، سياحت، صحت قانون وغيره، خواهه خاص يا عام ڪنهن به موضوع تي تحقيقَ ڪري سگهجي ٿي.

**تحقيق جا قسم**

ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ، تحقيق جا ست قسم ڄاڻايا آهن. جن ۾ 1۔تاريخي تحقيق، 2۔ بياني تحقيق،3۔ تجرباتي تحقيق، 4۔ علمي تحقيق، 5۔ سائنسي تحقيق، 6۔سماجي تحقيق، 7۔ هنري تحقيق شامل آهن.

**علمي تحقيق**

علم و ادب سان وابسته اسڪالرز جو تعلق علمي تحقيق سان هوندو آهي. هي تحقيق جو اهو قسم آهي جنهن جي مطابق هلندي ايڪيڊيمڪ (علمي) يا لٽرري ( ادبي) ريسرچ مڪمل ڪري سگهبي آهي. علمي تحقيق لاءِ بن بنيادي ۽ ثانوي وسيلن کي اهم قرار ڏنو ويو آهي:

> هي تحقيق جو اهو قسم آهي، جنهن ۾ ڪنهن سٺي لئبرري ۾ ويهي تحقيق ڪجي، انهيءَ جو واسطو لئبرري ۽ ڪتابن سان هجي، هن تحقيق ۾ نشانيون، حقيقتون ۽ قدر جيڪي ماضي ۾ انسان جي علمي زندگي ۾ ٿي گذريا آهن، تن کي ڳولڻ هوندو آهي. هن تحقيق م ڪنهن هڪ خاص مسئلي تي به تحقيق ڪئي وڃي ٿي ۽ ڪيترن مسئلن کي ملائي به تحقيق ڪئي وڃي ٿي. (پناڻ،1983، 22)

ادبي تحقيق کي به علمي تحقيق جي دائري ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو جنهن جي وصف هن ريت ٿي سگهي ٿي.

"Literary research is the process of finding information relating to an aspect of a piece of literature". (Study.com)

هن قسم جي تحقيق جو واسطو Qualitative شاخ سان آهي، هن ۾ سائنسي تحقيق جي برعڪس الڳ انداز اپنايو ويندو آهي، ادب سان واسطو رکندڙ محقق پنهنجي تحقيق لاءِ تحقيق جي هن قسم سان جڙيل رهن ٿا. هن تحقيق ۾ سوالناما، شخصي آزمودا، انٽرويوز اهميت رکن ٿا تحقيق جي هن قسم ۾ ورجاءُ کان بچڻ لازم آهي.

**تحقيق جا ٻه بنيادي قسم:**

اصولي طور تحقيق جا ٻه بنيادي قسم آهن (1) معياري (Qualitative) معياري تحقيق وسيلي مسئلي سان لاڳاپيل تصورن، راين، خلاصن ۽ تجربن کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي آهي. (2) مقداري ( Quantitative). مقداري تحقيق سان انگن(عددن) اکرن ذريعي Facts & Figures بابت ڄاڻ حاصل ڪبي آهي.



**تحقيق جون ٻه مکيه شاخون آهن:**

(1) Applied Research (2) Fundamental Research

**تحقيق جي ڪارج لاءِ ٽن اصولن کي ذهن ۾ رکجي ٿو:**

(1) تحقيقي مقصد (Research Objectives) (2) تحقيقي طريقا (Research Methods) (3) تحقيق جا وسيلا (Sources) شامل آهن..

**تحقيق جو عنوان:**

تحقيق کان اڳ عنوان چونڊڻ انتهائي اهم مرحلو آهي ان سان گڏ اهو سمجهڻ به ته تحقيق جي وصف ۽ اصولن پٽاندر ان موضوع سان نڀائي سگهڻ ڪيتري قدر ممڪن آهي يا هوندو. تحقيق لاءِ موضوع خود محقق کي ئي چونڊڻ جڳائي موضوع جي چونڊ پاڻ نه ڪري ٻئي تي ڀاڙڻ محقق لاءِ ايندڙ مرحلن ۾ دشواريون پيدا ڪندو آهي. هميشه موضوع اهڙو چونڊجي جيڪو محقق جي طبيعت ۽ دلچسپيءَ سان نهڪندڙ هجي. ان موضوع تي ڪم جي ضرورت ۽ افاديت تي مدار رکي ٿو ته اها ڪوشش ڪيتري قدر سَڪارتي بڻجي سگهندي.

غور طلب ڳالهه اها به آهي ته موضوع مقرر ڪرڻ کان پوءِ محقق ۽ موضوع هميشه لاءِ هڪ ٻئي سان جڙجي وڃن ٿا، محقق جو ناتو ان موضوع سان تاحيات رهي ٿو تنهن ڪري تحقيق به معياري نوعيت جي هجڻ گهرجي. محقق لاءِ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته جنهن موضوع کي تحقيق ڪرڻ لاءِ چونڊي رهيو آهي ڪانئس اڳ ان موضوع تي ڪم ٿي ته ناهي چڪو، جي ايئن آهي ته سندس تحقيق جي ڊيزائن ۾ Flexibility لچڪ ضرور هئڻ گهرجي ته جيئن محقق اڳ لکيل مقالي جي ڪنهن ٻئي يا نئين پهلو تي تحقيق ڪري سگهي. اهڙي ريت سندس پسنديده موضوع سان وابستگي قائم رهي سگهندي، نه ته ڪو بلڪل نڪور ۽ اڻ ڇهيل موضوع پڻ اپنائي سگهجي ٿو.

**رهنما جي چونڊ:**

تحقيقي ميدان ۾ ڪنهن رهبر،گائيڊ جي رهنمائي قدم قدم تي انتهائي ضروري ٿئي ٿي جنهن کان سواءِ تحقيق جو ڪم هرگز آسان نه آهي نه ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. "وشيه (موضوع) جي چونڊ سان ئي رهنما جو ڪم شروع ٿيندو آهي ۽ رهنما جي چونڊ، تحقيقي عمل جو پهريون مرحلو بڻجي ويندي آهي." (متلاڻي،2016:43)

رهنما جو ڪم محقق جي رهنمائي ڪرڻ آهي، باقي تحقيق جي واٽ تي هلڻو تہ محقق کي پاڻ ئي آهي، هو مختلف تجربن مان سکندو اڳتي وڌي ٿو ڪٿي غلط تہ ڪٿي صحيح ثابت ٿئي ٿو. صداقتن جي ڳولا ۾ ڪئي ڀيرا محقق کي پنهنجي رهنمائي پاڻ بہ ڪرڻي هوندي آهي تہ جيئن سندس جستجو ڪارگر هجي ۽ اها وقت جو زيان ثابت نہ ٿئي، ڪيتريون ڳالهيون پاڻمرادو سکڻيون پونديون آهن ۽ ڪيترن هندن تي رهنما جي موجودگي گهڻي قدر حوصلي ۾ واڌارو آڻيندي آهي.

**سناپسز/ تحقيق جو خاڪو**

تحقيق جو عملي ڪم هڪ وهڪري جيان آهي جنهن ۾ تسلسل ۽ مستقل مزاجي مکيہ عنصر آهن، جن جي ڪري وهڪرو روان دوان رهي ٿو ۽ ڪم تڪميل کي پهچي ٿو ٻي صورت ۾ تحقيق جي عمل سان نباهڻ ۽ توڙ تي پهچڻ مشڪل ٿيو پوي ٿو. تنهنڪري تحقيق جو ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ڪم جي مقصد ۽ طريقيڪار جي رٿا بندي ڪجي يعني سناپسز لکجن يا تحقيق جو خاڪو جوڙجي ۽ پوءِ اُن مطابق نظم و ضبط سان اڳتي وڌندي مستقل مزاجيءَ، اڻٿڪ محنت ۽ مسلسل ڪوشش جي عمل سان تحقيق مڪمل ڪجي.

خاڪي ۾ تحقيق جو مقصد ۽ طريقو متعين هوندو آهي، جنهن تحت ڪم ڪرڻ سولو ۽ نبيري وارو ٿئي ٿو هيڏي هوڏي ڀٽڪي ٽائيم وڃائڻ کان بچجي ٿو. خاڪي ۾ موضوع بابت مختصر تعارف، تحقيق جو طريقيڪار، دائرو، مفروضو ، مُک بابن ۽ ذيلي بابن جي ورهاست ۽ ببليوگرافي شامل هوندا آهن.

**مطالعو ڪرڻ:**

تحقيق واسطي مطالعو سائنسي طريقي سان ڪجي تہ آساني پيدا ٿيندي، ڪم پنهنجي مزاج مطابق ڪجي. لئبرري هڪ پرسڪون جاءِ آهي جتي هر محقق کي پنهنجي طبيعت مطابق ماحول ۽ وڌ کان وڌ مواد جي فراهمي حاصل ٿي سگهي ٿي. ٽيڪنالاجي جي استعمال سان مختلف ڪتاب، رسالا، مضمون، تحقيقي مقالا توڙي ٻيو هر قسم جو مواد سندس فون يا ليپ ٽاپ تي ئي ڪيس ميسر ٿي وڃي ٿو جيڪو سندس وقت ۽ پئسي بچائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو.



**نوٽس وٺڻ:**

مطالعي دوران نوٽس اهڙا وٺڻ گهرجن جيڪي موضوع ۽ ان جي مضمون سان وابستہ هجن، جن جي متن جو تعلق سڌي يا اڻ سڌيءَ ريت مقالي سان هجي، جيڪي ڳالهيون اهم آهن اهي بروقت ضرور نوٽ ڪجن. ان عمل ۾ ڪتابَ، مونوگراف، مقالا، مضمون، اڳ ٿيل ايم.فل ۽ پي.ايچ.ڊي ٿيسز لسٽ، اِي -بُڪس، اِي _جرنلز شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنلز جا شمارا، رِسالا، انسائيڪلوپيڊياز، ببليوگرافيز فهرستون، آرٽيڪلز مهاڳ، رايا، تجزيا، تبصرا، تاثراتي نوٽس وغيره کي پڙهڻ سان گڏ انهن جي اشاعت جا سال، ڇاپا، پبلشنگ ادارن جا نالا وغيره، اها ضروري معلومات حوالن سان گڏ نوٽ ڪجي جيئن وقت کي صحيح استعمال ڪري سگهجي، ڪتابن بابت اهو بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ اهو اصل آهي يا ترجمو ان جو ڪهڙو ڇاپو مطالعي هيٺ آهي. ورجاءُ کان بچڻ جي ڪوشش ڪجي ۽ منطقي ڪم ڪجي تہ جيئن پائيدار ثابت ٿي سگهي. ڪجھ ڪتابن جي فهرست ببليوگرافي طور اڳواٽ موجود رهي ٿي ۽ ٻين لاڳاپيل ڪتابن جي فهرست ٺاهڻ جو عمل وقت کي بچائي ٿو.

**تحقيق جو طريقہ ڪار**

> "In this field the Researcher explains himself with the different steps generally taken to study a research problem. Hence, the scientific approach which is adopted for conducting a research is called research methodology." (SB, SA, 2011:1)

تحقيق جو طريقيڪار (ريسرچ ميٿاڊالاجي) عمارت جي تعمير لاءِ جوڙيل نقشي جيان آهي جنهن تحت تحقيق جي رائج اصولن يا قاعدن مطابق ڪم ڪبو آهي. محقق کي ايم-فل يا پي-ايچ-ڊي لاءِ رٿيل دفاعي توڙي فائنل سيمينارن ۾ وڌ کان وڌ شرڪت ڪرڻ گهرجي، سيمينارن ۾ ٿيندڙ بحث مباحثن ۽ محققن کي ملندڙ تجويزن ۽ صلاحن مان سکڻ گهرجي، محققن جي تيار ڪيل تحقيقي خاڪن کي ۽ سيمينارن ۾ پيش ڪيل تحقيقي رپوٽن کي غور سان پڙهڻ گهرجي، جو اُن مان سکندڙن کي گهڻو فاعدو ٿئي ٿو.

**تحقيق جا مقصد:**

دنيا جي مختلف ٻولين جي علم و ادب ۾ تحقيق ٿيندي رهي ٿي، جنهن جا مقصد ۽ ڪارڻ هڪ حد تائين موجوده مواد جي معلومات ۾ اضافي سان گڏوگڏ تحقيق جي نون طريقن کي اپنائيندي انساني آگاهي ۽ شعور ۾ نئون واڌارو ڪرڻ آهي. تحقيق

جو ٻيو اهم مقصد حل جي تلاش پڻ آهي، ڪو به اهڙو معاملو جيڪو الجهاءَ جو شڪار آهي ان کي کولڻ ۽ سچ کي ثابت ڪرڻ سان گڏ تحقيق غلط کي رد به ڪري ٿي، ايئن ان موضوع تي وڌيڪ ريسرچ سان گڏ نون نتيجن جي حاصلات لاءِ ميدان ٺهي ٿو.

“The major aim of any type of research is to find out the reality and facts which has not been exposed.” (SB, SA, 2011:2)

**مفروضو**

”انومان (Hypothesis) ڪنهن آزمائشي گمان، فرض ڪيل ڳالهه يا ڪنهن خيالي سوچ کي چيو وڃي ٿو جنهن جي مدد سان مسئلي جو نتيجو ڳوليو وڃي ٿو.“ (پناڻ،147:1983) مفروضي يا هائپوٿيسز تي سڄي مقالي جو بنياد ٻڌل هوندو آهي، مفروضي کي قِياس، تخمينو انديشو يا گمان به چئي سگهجي ٿو. انومان موضوع سان جڙيل اهم حقيقتن کي نظر ۾ رکندي اڳتي وڌائي ٿو.ريسرچ اڳ ٿيل تحقيق کي ڌيان ۾ رکندي نئين دريافت لاءِ ڪئي وڃي ٿي، يعني جنهن سوال، موضوع، مسئلي يا سچ جي اڃا ڪا دريافت نه ٿي هجي ان بابت تحقيق ڪئي وڃي ٿي.

**حوالا يا سائٽيشن**

موضوع جي مطالعي سان گڏ وگڏ حوالا وٺڻ هڪ وقتائتو عمل آهي؛”هن حالت ۾ مصنف جا سڀ لفظ هوبهو نقل ڪرڻا آهن ۽ هنن لفظن کي واڪ جي نشانين ۾ لکڻو آهي. هن حالت ۾ حوالي جي ٻين ڳالهين جو به پورو پورو رڪارڊ رکڻو آهي ته جيئن حوالي ڄاڻائڻ جي ڪم ۾ آساني ٿئي.“ (ٻوهيو،171:1990) حوالو لفظ به لفظ ڏيڻ هڪ پروفيشنل محقق ٻڌجڻ جو دليل آهي.تحقيق جا حوالا ڏيڻ لاءِ هيٺين ٽن قسمن جا طريقا اختيار ڪيا ويندا آهن:

APA: (AMERICAN PSYCHOLOGICAL ASSOCIATION).
M LA: (MODERN LANGUAGE ASSOCIATION).
Chicago / Turabian Style.

**بنيادي وسيلا**

> هي وسيلا اهي آهن جن جي معلومات پهرئين ۽ بنيادي معلومات آهي. هنن وسيلن ۾ ڊائريون، دستاويز، عهدناما، خط، سرڪاري فائيل، محفوظ ڪيل شيون، حڪومتن ۽ پارليامينٽ جا رڪارڊ، خانداني شجره، ڄمڻ ۽ موت جا سرڪاري توڙي خانداني رڪارڊ، هٿ سان لکيل مسوده ۽ گڏ ڪيل نوٽس، لکيل يادگيريون، هينڊ بڪ، اٽلس ۽ گزيٽئر ۽ ٻيا اهڙا بنيادي وسيلن ۾ شامل آهن. (ٻوهيو 1990، 94)



> بنيادي وسيلن مان مواد جي فراهميءَ دوران ڪڏهن ته ڪجه اهڙو مواد به هٿ اچي سگهي ٿو جنهن کي اڄ تائين ڪنهن به محقق استعمال ئي نه ڪيو هجي. اهڙيءَ طرح نين نين حقيقتن کي پڌري پٽ آڻڻ سان محقق جي درجي ۾ اُن جي عظمت ۾ اضافو اچي ٿو. (مٽلاڻي، 2016، 58)

**ثانوي وسيلا**

”ثانوي وسيلن ۾ حوالياتي ڪتاب (Reference book)، انسائيڪلوپيڊيا، الميناڪ، ييئر بڪ (Year book)، تحقيقي مقالا، رسالا، مضمون، مخزنون شامل آهن.“ (ٻوهيو، 1990، 84)

هن وقت سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ لئبررين مان چند ۾ صرف ڪا هڪ اڌ نئين طرز جي سهولت پيدا ڪئي وئي آهي، جن ۾ سنڌي لغتون، ’سنڌي ادبي بورڊ آن لائن لئبرري‘، ’پنهور ڊاٽ ڪام‘ ڊجيٽل لئبرري جتي هزارين ڪتابَ، مخزنَ ۽ تحقيقي جرنلن جو ذخيرو موجود آهي، ’سنڌ سلامت ڪتاب گهر‘ جي ڊجيٽل لئبرري، ’ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي اِي لئبرري‘ ، ’سنڌي لئنگئيج اٿارٽي‘ جي ’سنڌي ورچوئل لئبرري‘ ، ’ سنڌي ٻولي لئبرري‘، ’ماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لئنگئيج انجنيئرنگ‘ طرفان لئنگئيج ڪوڊنگ وسيلي ايپليڪيشنز مهيا ڪيون ويون آهن. ان کان سواءِ ڪيترين ئي ويبسائٽس تي سنڌي ڪتابن جو ذخيرو موجود آهي جن ۾ ’سنڌيت ڊاٽ ڪام‘ ۽ ’اکر وکر‘ به شامل آهن.’ڀٽائي پيڊيا‘ ذريعي ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي‘ جي رسالي جِي مختلف ٻولين ۾ آن لائن فراهمي عالمي ڪارنامن ۾ شمار ٿين ٿا .

**ببليوگرافي**

ببليوگرافي ڪنهن به تحقيقي ڪتاب، مقالي يا مونوگراف ۾ شامل ڪيل حوالن جي ڪتابن جي الف - بي وار فهرست جو اندراج آهي، جيڪا ابتدائي خاڪي لاءِ شروعاتي عمل آهي ۽ خاڪي توڙي مقالي جي آخر ۾ شامل ڪئي ويندي آهي:

> اهڙن ڪتابن، رسالن يا مواد جي فهرست جي سڏ ڏيڻ، جن جي مدد سان ڪو به مضمون، ڪتاب يا پيپر وغيره لکيو ويو هجي. اهڙي لسٽ هميشه لکيل مواد جي آخر ۾ ڏني ويندي آهي، جنهن ۾ ورتل حوالي جو نالو صفحو ليکڪ ۽ شايع ڪندڙ اداري جو نالو ۽ سال وغيره ڏنو ويندو آهي. (لغت)

### ٿيسز، مقالو/ ريسرچ پيپر

”تحقيق جي انداز ۾ فڪري ۽ فني تجزئي سان نثر ۾ لکيل ليک، کي مقالو چئبو آهي،“ (موسيٰ 2021، 30) تحقيقي مقالو يا ٿيسز ڪنهن بہ HEC recognized يونيورسٽي مان M.PHIL/P.HD ڊگري لاءِ طويل ۽ تفصيلوار دليلن سان مفروضي هيٺ بحث ڪيل علمي لکت، جنهن کي reasons سان طئي شده سائنسي انداز ۾ پيش ڪبو آهي. ريسرچ پيپر، مقالي جو هڪ ننڍو مختصر ۽ فوڪسڊ پهلو آهي جيڪو ڪنهن بہ مقصد يا مسئلي لاءِ لکي سگهجي ٿو.

مقالي ۾ هر ڳالهہ تصديق شده هجي، مقالو آرگنائيزڊ يا باترتيب هجي انجي نتيجن ۾ نواڻ بہ هجي. هڪ شاگرد تحقيقي ميدان ۾ قدم رکڻ سان اسڪالر ليول تي ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن جِي مقالي مطابق هر ڳالهہ مضبوط دليل، صداقتن ۽ انومان تي ٻيڌل هئڻ گهرجي.

هڪ شاگرد يا محقق کي ياد رکڻ گهرجي تہ سندس مقالو يا مونوگراف، هڪ نئين ترتيب هوندي، جنهن ۾ اهي حقيقتون ۽ اهي نوان نوان خيالات قلمبند هوندا جن جي صداقت جانچ پڙتال خود محقق ڪئي هوندي. (مرزا، 1985، 27)

### تحقيقي مقالي جي ٻولي:

> تحققيق لاءِ عام فهم ٻولي استعال ڪرڻ بهترين حڪمت عملي چئبي. ”تحقيق لاءِ ڪجهہ لکڻ لاءِ مضمون جي ڪا خاص صورت، يا خاص قسم جي عبارت درڪار نہ هوندي آهي، بلڪ عام عبارت ۾ تحقيقي مضمون لکيو ويندو آهي.“ (مرزا، 1985_84، 24)

پروين موسيٰ ميمڻ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس“ ۾ مقالي جي ٻولي بابت هيءَ راءِ ڏني آهي:

> ”مقالي جي ٻولي گهٽي پُر تڪلف هئڻ سان مقالو خشڪ ۽ دقيق ٿي ويندو. مقالي جو اهم مقصد تحقيقي ڇنڊ ڇاڻ هوندو آهي، جنهن ۾ مضبوط دليلن سان موقف جي ڇنائي اهميت رکي ٿي.“ (ميمڻ، 2021، 31)

معلوم ٿيو تہ مناسب ٻولي، عام فهم طرزِ بيان سان گڏ اهميت ان مقصد يا مرڪزي نڪتي جي آهي جنهن لاءِ ڪشالو ڪٽجي ٿو.



### حوالا


انسائيڪلوپيڊيا، سنڌيانا. جلد ٻيو : (2010). حيدرآباد، سنڌ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

ٻوهيو الهداد، ڊاڪٽر. (1990). علم تحقيق، ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ: نيو فيلڊس پبليڪيشن.

پٺاڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر. (1983). تحقيق جو فن، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ: پاڪستان اسٽڊي سينٽر

پٺاڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر. (1983). تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول، (ترجمو). حيدرآباد سنڌ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

جالبي، جليل احمد، ڊاڪٽر. تنقيدي ۽ تحقيقي موضوعن تي لکڻ جا اصول، (مضمون) سنڌيڪار: غلام مصطفيٰ کهڙو، تحقيق جو طريقہ ڪار، درشهوار سيد: 1995، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي..

سميجو اسحاق، ڊاڪٽر. (2022). ٻولي جرنل (ايڊيٽوريل). حيدرآباد، سنڌ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

شيخ، طارق عزيز. (2019). سنڌي ادب جو تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو، اردو بازار، ڪراچي سنڌ: ڪانياواڙ بُڪ اسٽورز.

ڪوريجو عباس. (2015). جديد ڪهاڻي فن ۽ موضوع، (تحقيق). قنبر، سنڌ: ڪنول پبليڪيشن.

مٽلاڻي، ٻلديو ڊاڪٽر. (2016). تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول، (ترجمو). حيدرآباد، سنڌ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

مرزا، حبيب الله، رحيم بخش، ڊاڪٽر. (1984، 85). تحقيق جو فن ۽ مقصد، (مقالو)، ڇهہ ماهي، سنڌي ادب، ، جلد 8، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.

ميمڻ، موسيٰ پروين، ڊاڪٽر. (2008). سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس، محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي. (ڊجيٽل ايڊيشن سنڌ سلامت ڪتاب گهر :2021).

Dr. Shanti Bhushan M ishra, Dr. Sashi AlokL:2011, Hand Book Of Research Methodology (Educreation Publishing).

https://www.hampshire.edu. (12th October 2024)

https://en.wikipedia.org (13th October 2024)

https:// study.com > (10th October 2024)

13 October 2024) https://www.britannica.com